اي سنڌ جا دولتمندئو

ليکڪ: نور احمد ميمڻ

الله سائينءَ طرفان اوهان انسان ڪري پيدا ڪيا ويا آهيو، ۽ اشرف المخلوقات بڻايا ويا آهيو ته ان حيثيت ۾ اوهان جون ڪي اصل ذميواريون به آهن. اوهانکي، رڳو مشين ۽ روبوٽ وانگي ڪمائي، دنيا گهمي ڦري، بلڊنگن ۾ اضافو ڪري، آرامده گهر جوڙائي، عيش ڪري، عارضي سک ماڻي مرڻو ڪونهي. اهو پلجي ٿا وڃو ته اوهان جي تخليق جو به ڪو مقصد آهي. اوهان سماج جو هڪ لاپائتو ڪل پرزو آهيو. اوهان هيءُ به وساري ٿا ويهو ته اوهان سان لاڳاپيل ڪي ماڻهو آهن، ڪي عزيز آهن، ڪي پاڙيسري آهن، ڪا برادري آهي، ڪا پنهنجي قوم آهي... ڪڏهن سوچيو اٿوَ ، انهن جو ڇا حال آهي!؟ اوهان هيءُ به پلجي ٿا وڃو ته معاشري جون ڪي خرابيون آهن ۽ انهن خرابين تي بحيثيت انسان جي ڪامڻ، پچڻ ۽ پچرڻ اوهانجي به ذميداري آهي. اهي سڀ ڳالهيون هڪ هڪ ڪري اوهان جي دماغ مان نڪرنديون ٿيون وڃن. اوهان جي ذات ۽ پنهنجي اولاد جي عيش عشرت واري زندگي ۽ انهن جي مادي مستقبل سنوارڻ جي فڪرمندي اوهانجي اعصابن تي سوار آهي. مال جي محبت ۽ مرتبن جي هوند اوهان کي لذتن ۽ آسائشن جو ديوانو بڻائي ڇڏيو آهي. زندگيءَ جي حقيقي ۽ سنجيده مسئلن کان اوهان اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن. اوهان

كي مادي خواهشن جي تڪميل هر قيمت تي گهربل آهي ۽ اوهان جو جيئڻ مرڻ ان جي لاءِ آهي.

اوهان سمجهو ٿا ته اوهين سماج جي چونڊ پڙهيل ۽ معتبر اشرافيه گروهه جو حصو آهيو. اوهان اڳتي نڪتل آهيو۽ اوهان كي انساني ۽ ديني ذميدارين ۽ روحاني آسودگين جي ڪا ضرورت ڪانهي۽ اهي مشغوليون گهٽ ترقي يافته ماڻهن جو وڙ آهن! اوهان ڇاڪاڻ ته ترقيءَ جون مٿيون منزلون طئي ڪري چڪا آهيو ۽ زندگيءَ جون مڙئي آسائشون اوهان كي حاصل آهن، انهيءَ ڪري اوهان كي اهڙين مشغولين ۽ پئجي پنهنجي عيش كي ڦيٽاڙي ۽ وجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! اوهان جي اکين تي خودغرضي ۽ نفس پرستيءَ جا اهڙا پردا چڙهي ويا آهن جو اوهان كي پنهنجي ذات، پنهنجي مفادن ۽ پنهنجي لذتن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نٿو اچي! پر جيڪڏهن اتفاق سان دينڊار بڻجي ويا آهيو تڏهن به توهان جي دينداريءَ جو بنياد قرآن جي هدايت پري تعليمات ۽ الله تعاليٰ جي معرفت مليل ابراهيمي شعور ناهي، جنهن چيو هو ته ”منهنجي نماز، منهنجون قربانيون، منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ ان پالڻهار جي لاءِ آهي جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي ۽ مان سندس ان رستي تي آهيان، جنهن جو مون كي حڪم ڪيو اٿائين.“

درحقيقت اوهان جڏهن ”دينڊار“ بڻجو ٿا ته ان وقت به خودغرضين جي ڏُبڻ مان نٿا نڪرو. اوهان جي دينداري جڏهن اوهان كي خرچ ڪرڻ لاءِ اڪسائي ٿي ته اوهين خلق خدا جي ڀلي بدران انفرادي اطمينان لاءِ پاڻ ۽ پنهنجي اولاد جي حجن ۽ عمرن مٿان عمرن جا پرگرام ناهي پنهنجي نفس كي خرچ ڪرڻ جو دلبو ٿا ڏيو. جيڪڏهن اجا ڪجهه وڌيڪ خرچ ڪرڻ جي نيت بڻجي ٿي ته پوءِ مئلن جا حج بدل ۽ عمرا بدل ٿا ڪرايو. پر حضرت ابراهيم

عليـه السـلام وانگـر پنهنجن درن تي ٻيهي الـلـه جي مخلوق جو انتظار نٿا ڪريو ته ڪو مهمان مسـافـر اچي تـــه ان کي پنهنجي رزق شـــريڪ ڪريـــون. اوهان پنهنجي اولاد جي اسماعيلي تربيت نٿـا ڪريـو جو اهو دعوت توحيد معرفت الاهي جي منصب اوهان جو اهڙو ساٿاري بڻجي جــو، جيڪــڏهن ڪنهن مرحلي تي اوهان ڪيس چئو ته پٽ! تنهنجي قربانيءَ جو وقت اچي ويو آهي ته هو هڪدم وراڻي تـه: بابـا، تــون ائين ئي ڪــر! مــان انهيءَ واٽ تي عمــل لاءِ حاضر آهيان!

اي سنڌ جا دولتمندئو!

هي به عجب جي ڳالهه آهي جــو اوهــان پنهنجي ان عظيم پيغمبر، محسن انسانيت حضرت محمــد تي ڪلمـو پڙهنـدي بـه سـندس تعليم طـريقي تي عمـل ڪـرڻ ڪـان قاصـر آهيـو. پـاڻ سـڀورن کي جيترو به حاصل ٿيـو، الـلـه جي راهـه خـرچ ڪـري ڇــڏيو يــا پنهنجي ڇــوڏاري ويــاج ٻين مســئلن وڪوڙيل ماڻهن تي خرچ ڪيو. مسـڪينن، مسـافرن بيڪســـن تي خـــرچ ڪيـــو، انســانن جي آزاديءَ سـڌاري لاءِ ٿينـدڙ ڪوشـش تي خـرچ ڪيـو ايـترو خرچ ڪيو جو پنهنجي گهر جي چلهه ۾ به ڏينهن ڪـا نه ٻرنـدي هئن ڪـارڪون ڪـائي گـذارو ڪنـدا هئـا. ايتريقدر جو شاديءَ ڪان پـوءِ عـرب جي امـير تـرين عورت بيبي خديجه رضي الله عنها جي سڄي دولت به ساڳئي طريقي سان ساڳين ڪمن تي خرچ ٿي.

اوهــان وٽ جيـتري هونـد آهي، انهيءَ جي اڌو اڌ حصي به جيڪـڏهن عزيزن قوم کي پاتي پـائيوار سمجهو ان دولت کي قوم سجاڳيءَ جي دعوت تعليم تي خـــرچ ڪيـــو مـــاڻهن کي معاشـــي استحڪام جا بنياد فـراهم ڪيـو تـه جيڪـر هن قـوم جي تقدير بدلجي پوي. اوهان وٽ ايـتري هونـد آهي جو اڌ تي ڪفايت ڪيو ته اوهانجو جهان آباد رهنـــدو،

جڏهن ته باقي اڌ مان جيڪو سنڌ جي پيڙهيل عـوام جـو مسـتقبل جڙنـدو ان جـو ڪـاتو ئي نٿـو ڪـري سـگهجي. سـنڌ جـو شـاندار مسـتقبل اوهـان جي ضـرورت هجي نـه هجي پـر اوهين پنهنجي اولاد کي ئي شاندار آئيندو عطا ڪري وڃو ته اهو توهـان جي لاءِ بيحد اطمينان آهي.

اطمينـان بـه هڪ وڏو سـرمايو آهي، انهيءَ مايـا جو ڪوئي لطف وٺي ڏسي! جاپان جا مـاڻهو پنهنجي آمدنيءَ کي لازمي طرح ورهائين ٿا جـو هـو عقيـدي جي حـد تـائين اهـو مڃين ٿـا تـه ”اسـان جي تـرقي اسـان جي اطمينـان جي ڪـري آهي ۽ اسـان جـو اطمينان انسـانن تي خـرچ ڪـرڻ جي ڪـري آهي.“ اوهان پنهنجي شادين مُرادين، طهرن ۽ ٻين رسـمن جي ادائيگيءَ ۾ وڏن ڪاڄن ۽ اجائي ڏيکاءَ کي ڇڏي رڳو اهي ڏوڪڙ ڌرتيءَ واسين جي اجتمـاعي ڀلي لاءِ خرچ ڪيو ته هـتي هـر طـرف تبـديلي ۽ تـرقيءَ جـا سوين امڪان پيدا ٿي پون.

اوهان، سچي سنڌ جا دينـدار دولتمنـد، پنهنجـا ۽ پنهنجي عيال جـا حج ۽ عمـرا رڳـو چـار سـال ڇـڏي پنجين سال ڪرڻ جا روادار بڻجو ته انهن چئن سالن جي حجن ۽ عمرن جي رقم مـان سـنڌ ۾ ڪيـتريون ئي يونيورسٽيون جـوڙي سـگهجن ٿيـون ۽ ڪيـترائي ڪارخانا کولي سگهجن ٿا. اوهـان ميلاد، عـزاداري ۽ ختمن خيراتن جي نالي تي ٿينـدڙ ڪـاڌي ۽ رسـومات جي رقم پاسيري ڪري قومي فنڊ ۾ ڪٺي ڪريو تـه اوهان جي انهيءَ رقم مان هر سال سنڌ جي سوين هزارين بي گهر غريبن جا گهـرڙا اڏجي سـگهجن ٿـا. اوهـان پنهنجي روزاني زنـدگيءَ جي مهمانـدارين ۾ تڪلفات ۾ مناسب ڪفـايت شـعاري ڪريـو تـه انهن رقمن مـان هـر سـال سـنڌ جي هـزارين يـتيم ۽ گهرجائو نياڻين جا ڏاج جڙي سگهن ٿا.

سنڌ جا دنيادارؤ !

اوهان جي غفلتن جي نتيجي ۾ هتان جي ماڻهن بيحد پوڳيو آهي. غريبن ۾ حال هيڻن ماڻهن کي ته پنهنجي گذر سفر ئي نهوڙي رکيو آهي. اهي هن ڌرتيءَ جي مالکي ۾ وسيلن بچائڻ جي کهڙي فکرمندي کن؟ اوهان وٽ وسيلا هئا، هوند هئي، واسطا هئا، فرصت هئي ۾ ٽيندڙ ڦرلٽ جي ڇاڻ هئي. اوهان ڌرتيءَ ڇاون جي هيڏن وسيلن کي بچائڻ لاءِ کهڙو بند ٻڌو، کهڙي واويلا کئي، کهڙي پيشرفت کئي ۾ کيترو خرچ کيو!؟ اوهان حيثيت وارا هيؤ، پڙهي پار پيؤ، آفيسريون ۾ مرتبا حاصل کيوَ ، اختيارن جا صاحب بڻيؤ، اوهان جي اکين اڳيان ڌرتيءَ جي حقن ۾ وسيلن جي ڦرلٽ ۾ پينگ ٿيندي رهي پر اوهان پنهنجي حيثيتن ۾ اسٽيٽس کي بچائيندا رهيؤ. مرتبن ۾ پئسن جي نشي جي غنودگي، بي حسي ۾ لاتعلقيءَ ۾ مبتلا ر هيؤ ، جيم خانن ۾ کلبن جا پيٽوڙي ميمبر بڻيؤ . اوهان لکين سنڌين کي روزگار جي ڳولا ۾ مدد ڏيڻ لاءِ کراچي ۾ حيدرآباد ۾ هک ريسورس سينٽر به نه جوڙي سگهيؤ. انهن شهرن ۾ نووارد بيروزگارن جي لاءِ هکڙي پنجن کمرن جي هاسٽل به جوڙي نه سگهيؤ. سڄي زندگي اوهان جو مقصد رهيو:

بي اي کيا، نوکر هوئي، پينشن ملي اور مرگئي!

اوهان جڏهن رٽائر ٿيو ته پنهنجيون صلاحيتون قومي ادارن کي ارپڻ بجاءِ ساڳين آفيسن ۾ نوس نوس کندا رهيؤ ۾ جيستائين اها ڌپ توهان جي نک کي نئي پهتي اوهان حيران ۾ پريشان پئي رهيؤ . رڳو بنگلن، گهرن جي سجاوٽن، موٽر گاڏين، دعوتن جي فکر ۾ هر قسم جي نمائشن ۾ رڌل رهيؤ ليکن کابه سماجي، تعليمي ۾ سڌارک مصروفيت ۾ سرگرمي، کوبه لکڻ ۾ پرچار جو کم پنهنجو وطيرو نه بڻائي سگهيؤ. اوهان کي پئسن ۾ مرتبن جي حاصلات جا کيترا موقعا مليا! اوهان نيکن،

تجارت سٽيين پوسٽن تي ڪروڙين رپيا ڪمايا، پر
پوئتي پنهنجي مسڪين پائرن، پاٽيجن ، سوٽن
ماساتن ڀين عزيزن ڪي پنجاهه هزارن جو دڪانڙو
به ڪونه ڪولي ڏنوَ. ڪا پنجن اٺن لکن رپين جي
ڪاٽيج انڊسٽري نه هٽي ڏنوَ، جنهن سان پنجن اٺن
نوجوانن جي روزگار جي مستقل بحال ڪاري ٿي
وڃي ها. ڪو ههڪڙو ٽيوشن سينٽر به نه کوليوَ جنهن
مان نوجوان ڪا پروفيشنل مهارت حاصل ڪري
روزگار سان لڳڻ جي اهل بڻجي سگهن ها.
اوهان جي سڄي دولت اوهان جي ذات جي
چوڌاري ڦرندي رهي. اوهان ڪي جيڪا آخري پاڇي
ٿي، اها به اوهان اولاد ڪي ولايت موڪلي انهن جي
مستقبل سنوارڻ تي تيل ڪري ڇڏي يا وري فڪس
ڊپازٽن رکي ڇڏي ته مهيني جو ساڳيو سٽيو خرچ
اوهان جي اشرافيائي رتبي جو پورائو ڪندو اچي
هاٽي رڳو ان ڳڻ ڳوت وقت ڪاٽي رهيا آهيو ته
ڪڏهن ٿو موت اچي پنهنجو وارو وٺي! موت ته
اوهان جي خطرناڪ انجام جو پيڇو ڪري رهيو
آهي، پر هيءَ جيڪا اوهان کي مهلت مليل آهي سا
به رب جي رُسڻ جو اهڃاڻ آهي، جو الله سائين
قرآن چئي ڇڏيو آهي ته جيڪو اسان جي رضا کي
ڇڏي دنيا جي حياتيءَ کي پنهنجو مقصود بڻائي وٺندو
ته اسين اُن کي دنيا جي حياتيءَ ڳپي ڇڏينداسون.
اوهان جي سرڪشي دنياپرستيءَ جي لونجهه
اوهان ڪان مت ڪسي ڇڏي آهي. نتيجي اوهان
کي اتان موٽڻ جي توفيق به نٿي ملي. اوهان انيڪ
بيمارين جي ڏبڻ ڦاسو ٿا ته پئسي جي هوند
اوهان کي فرعون بڻائي ٿي رکي. پوءِ اوهان لکين
رپيا پنهنجي علاج تي خرچ ته ڪريو ٿا پر پنهنجي رٺل
رب کي پرچائڻ جا جتن نٿا ڪريو! اهو الله، جنهن
غريبن کي ڪاڏو نه ڪارائڻ انهن جي غربت نه
مِٽائڻ جي ڪري اوهان جي مٿي تان پنهنجي رحمت

جو هٿ هٽائي ڇـڏيو آهي. اوهـان پـاڻ کي خـدا جي خلق کان بي نياز ڪري ڇڏيو ته خدا پـاڻ کي توهـان کـان بي نيـاز ڪـري ڇـڏيو. اوهـان پـانت پـانت جي عذابن ۽ ڇتين مان گذريؤ تـه بـه توهـان کي قـدرت جي تنبيهـه ۽ گـرفت جـو گمـان نـه گـذريو ۽ اوهـان شايد انهيءَ گمان ۾ رهيـؤ تـه جيڪـڏهن قـدرت جي تنبيهه ٿيڻي آهي ته اُها ائين ٿـئي جـو قـدرت آسـمان مان هٿ ڪڍي اوهان کي چنبو وهائي ڪڍي! اوهـان به اهائي ڳالهه ڪئي جيڪـا سـڀني نـبين کي دعـوت ڏيڻ وقت انڪـار ڪنـدڙ مخـاطب ٿي چونـدا هئـا تـه جيڪڏهن قـدرت کي عـذاب ڏيڻـو آهي تـه اهـو اڇي ڪڙڪي ڇو نه ٿو؟ پوءِ پيغمبر چونـدا هئـا تـه انتظـار ڪيو ان عذاب جـو، جيڪـو اوهـان جي مٿـان جلـدي ڪڙڪڻ وارو آهي.

اوهــان جــڏهن دنيــا پرســتي ۽ اســراف واري زندگيءَ جا سـڀ مـزا وٺي پـوڙهپ ۾ پـير پـايو ٿـا ۽ جڏهن اوهان جو ڪنو ڪيل مال اوهان جي هٿن مان کسڪي اوهان جي اولاد جي ور چـڙهي وڃي ٿـو تـه پوءِ توهان کي الله کي راضي رکڻ جا دورا پـون ٿـا. پـوءِ اوهـان هٿ ۾ تسـبيحون کڻڻ شـروع ڪيـو ٿـا. درودن جا ڪتاب ڇـاپڻ شـروع ڪيـو ٿـا ۽ مسـجد ۾ رڪوعن ۽ سجدن جـا سـانباها ڪيـو ٿـا ليڪن جنهن ڳالهه جي ڪـري الله اوهـان تـان پنهنجي رحمت جـو هٿ هٽـايو هـو، اوهـان هينـئر بـه ان جي ازالي جي سوچ کان محروم رکيا وڃو ٿا. افسـوس اوهـان جي حال تي، افسوس اوهان جي بيوسيءَ تي، افسـوس اوهان جي محروميءَ تي!

اي سنڌ جا دولتمندؤ!

هيءُ مال جيڪـو ممڪـن آهي تـه اوهان کي حلال جي ذريعن سان مليو هجي، اهو بــه اللــه جي پـاران اوهان وٽ نج امانت هئي. ان جي ذريعي اوهان جي آزمائش ٿيڻي هئي ۽ ان جي آڌار اوهان جا مرتبا بلند

ٿيٺا هئا. قرآن مجيد ۾ صاف صاف ٻڌايو ويو هو ته اوهان کي اولاد ۾ مال آزمائش ڪري ڏنو ويو آهي. اهو به ٻڌايو ويو هو ته جيڪي ان آزمائش مان پار نه پيا انهن کي سندن مال جو رسو ٿاهي ڳچيءَ ۾ وجهي جهنم جي باهه ڏانهن گهليندا سون. اهو به ٻڌايو ويو هو ته دولتمندن جي جمع ڪيل سڪن کي جهنم جي باهه ۾ تپائي انهن سان ڪين ڏنپ ڏيندا سون. اوهان جي پيغمبر، دنيا جي پلاري ۾ نهايت سچي انسان حضرت محمد ۾ پڪ ڪرائي ته مان معراج جي رات دولتمندن جا اهي تماشا اکين سان ڏسي آيو آهيان ... پر اسان نه قرآن جي سچائيءَ تي اعتبار ڪيو ۾ نه وري عظيم پيغمبر ۾ جي شاهديءَ کي هينئين سان هنڊايو. قرآن هيءُ به ٻڌايو ته الله تعاليٰ مومنن سان انهن جي مالن ۾ جانين جو سودو ڪري ڇڏيو آهي ۾ ان جي بدلي ۾ ڪين جنت جون دائمي خوشحاليون عطا ڪندو... ليڪن اوهان، الله تعاليٰ طرفان قرآن مجيد ۾ بيان ڪيل انهن صاف ۾ چٽن حڪمن تي به ڪونه ويچاريو. بلڪه اوهان جي حرص اوهان جي اکين تي پٽيون چاڙهي ڇڏيون. اوهان هڪ لک جي ذريعي ٻن لکن، هڪ ڪروڙ جي ذريعي ٻن ڪروڙن ۾ هڪ ملڪيت جي ذريعي ٻين ملڪيتن جي حرص ڳيريءَ ۾ گتل رهيؤ يا انهيءَ گهمنڊ ۾ رهيؤ ته هيءَ ڪمائي اسان جي قابليتن جو انتهائي ڪمال آهي.

اوهان سمجهو ٿا ته جيڪو رزق ۾ مال عطا ٿيو اٿوَ اهو فقط اوهان جي پنهنجي صلاحيتن جو ڪمال ۾ رات ڏينهن جي هڻ هٽان جو نتيجو آهي! اها اوهان جي سراسر ڀل آهي. انهيءَ ڪري جو اوهان جيڪا هڻ هٽان ڪئي آهي، انهيءَ جا پيداواري ذريعا الله تعاليٰ جا جوڙيل آهن. اوهان جيڪا زمين ۾ ڪاشتڪاري ڪرائي آهي، انهيءَ کي مليل پاڻي الله جو وسايل آهي:

(پوکن کي اسان ٿا پاڻي رسايون يا اوهان ٿا رسايو؟) (القرآن)
انهيءَ زمين ۾ سَلن کي نسارڻ ۾ اپارڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ واري ذات الله تعاليٰ جي آهي
(پوک جي سَلن کي اسان ٿا واڌ ويجهه ڏيون يا اوهان ٿا وڌايو؟) (القرآن)
هيءُ، اوهان جي ڪارخانن ۾ جيڪو ڪجهه جڙي رهيو آهي، انهيءَ جو خام مواد جوڙيندڙ الله تعاليٰ جي ذات آهي، جنهن ڌرتيءَ کي سڄي انسانيت جو گڏيل ورثو بڻائي ان ۾ پنهنجون نعمتون پري رکيون ته جيئن سڀئي انسان ان جي فائدن مان بهره ور ٿين.
هيءُ اوهان کي موقعو مليو آهي جو اوهان الله تعاليٰ جي ڌرتيءَ اندر موجود ڪيل پيداواري ذريعن تي ۽ ڌرتيءَ کان مٿي گردش ڪندڙ لهرن تي دسترس حاصل ڪرڻ ۾ڪامياب ٿيا آهيو پر ياد رکو! انهيءَ ڪاميابيءَ تي رسڻ لاءِ اوهان جا جسم ۽ دماغ خالق جا عطا ڪيل آهن. الله تعاليٰ اوهان کي تمام پيچيده انساني مشينريءَ وارو اهڙو جسم عطا ڪيو آهي، جيڪو معذوريءَ کان آجو هو ۽ ڪروڙين چا اربين رپيا خرچ ڪري به اهڙو قيمتي جسم حاصل نه پئي ڪري سگهيو. ان جسم ۾ اوهان کي هڪ نرالو ۽ نفيس انساني دماغ مهيا ڪيو ويو، جنهن ۾ سوچڻ جون بي انتها صلاحيتون وديعت ڪري ڏنيون ويون ۽ پوءِ به چئو ٿا ته اهو سڀ ڪجهه اوهان جو پنهنجو ڪمال ۽ اوهان جي پنهنجي پيشه وراڻي مهارت جو ثمر آهي!
اوهان واري اها ساڳي ڳالهه ته قارون حضرت موسيٰ علي. السلام کي به چئي هئي ته جيڪي ڪجهه مونکي مال ۽ دولت حاصل ٿيو آهي اهو منهنجي قابليت ۽ پيشه وراڻي مهارت سان مليو آهي ... ته پوءِ قارون ۾ اوهان جي ذهنيت ۾ فرق

ڪهڙو رهيو! قارون تي قرآن هميشه لاءِ ڦٽڪار ان ڪري ڪئي ته هو دولت ميڙيندو ويو ۽ الله جي نبي حضرت موسيٰ عليه. السلام جي چوڻ باوجود الله جي مخلوق ۾ اها دولت تقسيم ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هو. اوهان، قرآن ۾ دولتمندن جي خدا سان”دولتاڻي بغاوت” جا احوال گذريل قومن جا قصا ڪري ته پڙهو ٿا ليڪن دنيادارن جي ذهنيت تي ٿيل خدائي ڦٽڪار مان عبرت ۽ رهنمائي نٿا ونو. نتيجي ۾ اوهان دولت جي نشي ۾ ذت آهيو ۽ پاڻ بدلائڻ جو فڪر ئي نٿا ڪريو.

ليڪن اي سنڌ جا دولتمند

جيستائين موت جو فرشتو توهان جي مٿان اچي نٿو بيهي، تيستائين توهان لاءِ خدائي راهه تي واپسيءَ جا دروازا کليل آهن پر ياد رکو ته جيئن اوهان جي عياشي ۽ لاابالي دولت جي ڍيرن مٿان ٿي آهي، تيئن توهان جي پنهنجي رب ڏانهن واپسي به انهن ڍيرن جي مٿان گذرڻ سان ڪارائتي آهي. واپسيءَ لاءِ رڳو تسبيحن ۽ رڪوعن سجدن جون اٽڪلون ڪونه هلنديون.

اهو طئي آهي ته اسان جي ماڻهن کي رياست جي پاسي کان پلايون ملٽيون ڪونهن جو صدين کان غلامي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اسان جي مٿان مسلط آهي. هينئر انهن ڏتڙيل ماڻهن سان اوهان پلايون نه ڪندو ته آخر ڪير ڪندو! انهن جي جهالتن ۽ بي علميءَ جي خاتمي لاءِ ڀيو ڪير ڳڻ ڳوت ڪندو! سندن غربت ختم ڪرڻ جا جتن ڪير ڪندو! انهن جي تعليم، شعور ۽ سماجي ترقيءَ جا منصوبا ڪير جوڙي عمل ۾ آڻيندو؟ انگريزن جي ڏيڍ سو ساله غلاميءَ کان وٺي هاڻوڪي سٺ ساله غلاميءَ تائين اسان جي ماڻهن جا ڇا نه پوڳيو آهي! اسان جون عورتون ڪهڙين پيڙائن مان گذريون آهن. اسان جون نياڻيون ۽ ٻار ڪهڙي ڪرب مان گذريا

آهن، ان جا تفصيل اسان کان ڳجها ڪونهن. هن
ترقي يافته دور ۾ دنيا جي گولي تي هڪ طرف اهڙا
سماج اڏيل آهن جتي فلاحي معاشرن ۾ انسان جي
سڀني بنيادي ضرورتن جو پورائو ٿئي ٿو ۽ ٻئي
طرف اسان وٽ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي
بک بدحالي، فقر فاقي ۽ وياجن ۾ پيڙجي هڪ
زندهه لاش واري زندگي گذارين ٿا. ڪيترين ئي
عورتون آهن جيڪي روزانو جهالتن ۽ فرسوده
رسمن رواجن جي صليب تي لٽڪائي عذاب ۾ مبتلا
ڪيون وڃن ٿيون ۽ کين گارين، مار موچڙي ۽
سخت گهرو بدحاليءَ مان گذاريو وڃي ٿو. ڪيترائي
ٻار آهن جيڪي سماجي درندگين جي ور چڙهي
ضربيل روحن سان وڏي ٿيڻ جي بي روح عمل مان
گذرن پيا! هن سماجي ابتريءَ جي خاتمي لاءِ جنهن
وڏي تحريڪي تبديليءَ جي ضرورت آهي، ان جي
ڳڻ ڳوت آخر ڪير ڪندو؟ دنيا جي سماجي تبديلين
۾ اتي هوند وارن جو ڪردار ڏسو ۽ هتي پنهنجي
ڪردار تي نظر وجهي محاسبو ڪريو. پوءِ پاڻ
بدلائڻ جون ارپڻ ذريعي آغاز ڪريو. پڪ ڄاڻو ته
اوهان جي مالي سهڪار ذريعي سماج جو سڌارڪ
ڪردار هن معاشري جو رنگ بدلائي ڇڏيندو. اوهان
جڏهن محسن ۽ مهربان جي روپ ۾ ماڻهن وٽ
ويندو ته اهي اوهان کي پنهنجو محسن پائنيندا ۽ دنيا
۾ محسن بڻجڻ، انسان جي وڏي حاصلات آهي.
ماڻهن جي بک بدحالي انهن کي خدا کان ويڳاڻو
بڻائي رهي آهي. هو اڳ ۾ ئي جهالتن ۽ فرسوده
رسمن جي شرڪ ۽ غلاميءَ جي ڪوڙڪين ۾ ڦاٿل
آهن، ويتر ”بک بڇڙو ٿول” سندن روح کي رهڙي
بدحال ڪري رهيو آهي. اوهان جون ساڻن
مهربانيون ۽ ڀلايون کين بک ۽ بدحاليءَ سان گڏ
جهالت ۽ شرڪ مان به ڪڍي اينديون. ماڻهن جي
ذهني آسودگي ۽ سڌارڪ ڌارا ۾ اچڻ ڪري انهن

جون عورتون جهالت ۽ مردود روايتن جي صليب تي لٽڪڻ کان بچي وينديون. انهن جا ٻار سماجي درندگين کان بچي پوندا ۽ روح جي آسودگيءَ جي ڪري اڳتي هلي هن قوم جا ڪارآمد فرد ثابت ٿيندا.
اي دولتمندئو !

اوهان جيڪڏهن سنڌ جي خمير جي پيداوار آهيو ته پوءِ هن ڌرتيءَ جي هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڀاءُ بنائڻ، هر عورت کي پنهنجي نياڻي بنائڻ ۽ هر ٻار کي پنهنجي ٻچي بنائڻ جو درد، فڪر ۽ عمل ڪٽي جيئو. انهيءَ سان اوهان کي نه رڳو اطمينان جي زندگي نصيب ٿيندي بلڪه اڳئين جهان ڏانهن به اطمينان سان اُسهندو ۽ اوهان الله جي حضور ۾ به سرخروئي سان پيش ٿيندو. اڳ ۾ جيئن اوهان اکيون ٻوٽي دولت کي پنهنجي گهر جي پونجي بڻائي رکيو هو ، هينئر اکيون کولي وڏي فراخيءَ سان پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي بحال ڪاريءَ تي خرچ ڪيو. سندن تعليم ۽ تربيت تي خرچ ڪريو ۽ سندن اهنجن ۽ دردن هٽائڻ تي خرچ ڪيو.

اوهان پنهنجي ماليت مان چاليهون حصو خرچ ڪرڻ تي اڪتفا نه ڪيو پر ان کان اڳتي وڌو چوته مال مان پنهنجي بنيادي ضرورتن کان جيڪو به وڌيڪ آهي سو سمورو خرچ ڪرڻ جو قرآني حڪم آهي. ان الاهي حڪم جي پابندي ڪريو. جيتريون پنهنجون بنيادي ضرورتون محدود ڪند و اوترو وڌيڪ خرچ ڪري سگهندو. ان سان اوهان اوترو وڌيڪ سک ماڻيندو. اوهان جا مرتبا اوترا وڌيڪ بلند ٿيندا ۽ اوتري وڌيڪ الله جي قربت نصيب ٿيندي. ان سان ئي اوهان جي ايمان جي تڪميل ٿيندي، جو ايمان جي لاءِ غيب واري کي مڃڻ، فرمانبرداري ۽ خرچ ڪرڻ بنيادي لوازمات آهن. ان سان اوهان جو ايمان مڪمل ٿيندو ۽ ان سان ئي اوهان جي نجات آهي.

(ڪتاب “اوهان ڏانهن! اي سنڌ جا سنڌيو” مان ورتل)